

ڪامريڊ غلام محمد لغاري

# منهنجي آکاڻي

[illegible]
[illegible]
[illegible]
جامشورو سنڌ
١٦-٨-٨٥

# منهنجي آکاڻي

ڪامريڊ غلام محمد لغاري

سنڌي ساهت گهر
حيدرآباد سنڌ

قيمت: ست رپيا

[ ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ ]

ڇپجڻ جو مهينو : جولاءِ ١٩٨٥ع

ڇپيندڙ : احمد برادرس، ڪراچي.

ڇاپو : پهريون

تعداد : هڪ هزار

ڇپائيندڙ : سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد سنڌ.

ايڊريس : پوسٽ باڪس نمبر ١٩١، جنرل پوسٽ آفيس
حيدرآباد سنڌ.

○

[سنڌي ساهت گهر - ڪتاب نمبر ١١]

○

## آئيندا ڪتاب

| | | | |
|---|---|---|---|
| ١. | علامه آءِ آءِ قاضي | قاضي فيض محمد | (ختم ٿيل) |
| ٢. | ڏکيون جان نه هٽن | ناز سنائي | (ختم ٿيل) |
| ٣. | ڪيان تان ڪافر | ناز سنائي | ١٥.. |
| ٤. | ماءُ ڪاڻ ٻي عليا | ناز سنائي | ٢٥.. |
| ٥. | ٻه ٻيا جي رهنوٽيا | ناز سنائي | ٢٥.. |
| ٦. | ڏونگر جن ڏوريا | ناز سنائي | ١٥.. |
| ٧. | هاري ڪميٽيءَ الائي تحريڪ | قاضي فيض محمد | ١٠.. |
| ٨. | زندگيءَ جي جهوٽي مان | حامد ۽ غلام محمد لغاري | ٧.. |
| ٩. | چانديءَ جي زنجير | مومن ڪلينا | ١٢.. |
| ١٠. | زندگي | مومن ڪلينا | ١٢.. |

○ ○ ○

○

ڪامريڊ لغاريءَ جي مظلوم نياڻي،
مهر النساءِ لغاري
جي نالي —

○

اي منهنجي قوم جا منهنجا ڀائرو! توهان جن منهنجو ترجمو پڙهي چڪا آهيو
ته مون جي سبب ڪا تڪليف ياد ڪريان. منهنجو پنهنجو انگن نقارن جو سامان
ڪتاب، سودا ته ڪا ڪالا ناهي. آخر اهڙن سچن سان ان لهريا تي
پوليس ڇاپو هڻي ڪري سامان کڻي ويا. جيئن آيا تيئن ويا.
وقت رهڻ جي ڪالا ڪالهه. آيا اهڙا سامان جو ورڪي وارا پوليس
سڌيءَ ڪئي سڀا ٺيا ورڪي دلال ٿا آهن.

مون سب جهڙو وڏا مٽ ٽڪرا آيا ٻئي ٽيئڻ ڏيئو ته توهان
آڏو ائون تن جي سموهيا ڪا ڪنارن بابت ڪجهي. ان لاءِ منهنجو
اندر ڪتاب جو خانو جيڪو ٽڪ مٿان تي ڏنو هر دوست کي برابر
ڪيئي. باقي پنهنجو اشاعت جي جيڪا ادارا ڪي ڏيڻ واري ٽي علائق
وارن جا ڪڻ ته توهان آڏو آڻيا تي پيش ڪيا.

نانو سنائي.

٣٠، جولاءِ ١٩٨٨ع
جيل... ٿا سنة.

# منهنجي آڪاڙي

آئون ١٩١٤ع ڌاري ڳوٺ غلام علي فقير لغاري تعلقي ڏگهڙيءَ ۾ هڪ غريب هاريءَ محمد خان لغاري جي گهر ۾ ڄائس. منهنجي ڄم جي ڪري منهنجن مائٽن کي بيحد خوشي ٿي. ڄاڪاڻ ته منهنجو پيو ڪوبه ٻار اڳ ڪونه هو. فقط هڪ ڀيڻ هئي، سا به اڳ وفات ڪري ويئي هئي، جنهنجي ڪري منهنجا مائٽ بيحد ماول هئا. (بقول خليفه نبي بخش لغاري عليه الرحمته).

جهيندي گهرنڪو فرزند ڄاوي، مايا ٿيهندي
ٻگانا لـــوڪ ڪاوي
ڪســن ڪاون مٺيندا چاون ڪــتي شهري
جمونن بر ڊونڊ آون.

بابا صاحب جڏهن چوندا هئا ته ٻن سالن کان پوءِ منهنجو ٻيو ڀاءُ ڄائو هو، جنهنجو نالو مير محمد خان رکيائون. ليڪن اهو به ٻن سالن بعد وفات ڪري ويو. انهيءَ کان پوءِ وري هڪ ڀيڻ به ٿي جا ننڍپڻ کان ڪمزور ۽ بدن ۾ تمام ڏٻري هئي، ٻارنهن سالن بعد آها

مائٽن کي تمام پيارو ھئس. غريب ھوندي بہ مونکي ڳوٺ جي ملا صاحب وٽ پڙھڻ لاء موڪليندو رھيو سندس سدائين اھا تمنا ۽ ڪوشش ھئي تہ آئون چڱي ريت علم حاصل ڪريان.

انھيءَ زماني ۾ انگريزي اسڪول تمام گھٽ ھئا. تنھنڪري پھريائين ملا صاحب جن وٽ قرآن شريف پڙھڻ ويٺس. پھريون سيپارو ياد ڪيم جو اڃا تائين مونکي ياد آھي. ان کان پوء جيڪي سنڌيءَ جا شروعاتي ڪتاب مڪتب ۾ پاڙھڻ ۾ اچن ٿا سي سڀ پڙھي، وري پارسي پڙھڻ لاء جيمس آباد تعلقہ جي چونئيري لڳ ڳوٺ حاجي مبين خاصخيلي ۾ حضرت مولانا مولوي نوح صاحب ولد حاجي خميسو خاصخيلي عليہ الرحمة جن جي مدرسي ۾ داخل ٿيس. ان وقت اسان جي علائقي ۾ مولوي محمد نوح صاحب جن جي والد ميان حاجي خميسہ عليہ الرحمة جن جي ھستي قابل تعريف ھئي. پاڻ اڻ پڙھيل ھو ليڪن اديبن، عالمن ۽ سوشل ورڪرن جي صحبت ڪري پاڻ بہ ھڪ وڏو خادم خلق ھو.

ھاري جماعت جو بنياد بہ اسان جي پسگردائي ۾ ان شخص وڌو. ھو ان جماعت جو وڏو ڪارڪن ھو.

حاجي خميسي جي فرزند مولانا محمد نوح عليہ الرحمة عربي جي تعليم حضرت مولانا محمد عثمان صاحب (قرآني) عليہ الرحمة جن جي مدرسہ ڳوٺ بنيرہ ۾ فارغ

تحصيل تائين حاصل ڪئي.

مولانا قرآني - بنيرن وارو ان وقت زبردست عالم دين هو. اسان جي ضلع ٿرپارڪر ۾ نه بلڪ هند توڙي سنڌ ۾ وڏو عالم ليکيو ويندو هو. حاجي خميسي جي شڪل و شباهت عالمن جهڙي هئي. هو بد رسمن، پير پرستي ۽ رشوتخوري جي سخت برخلاف هوندو هو. سچ چوڻ جو ته اهڙو ڪوڏيو هوندو هو جو ڪنهن به وڏي ۾ وڏي امير کان به نه ڊڄندو هو. ان سچائي ڪري وڏا ماڻهو به سندس گهڻي عزت ڪندا هئا ۽ اڄ تائين بـه سندس نالو دوستن جـي دلين تي نقش ٿيل آهي.

هو جيڪا به مذاقيه انداز ۾ نڪتچيني ڪندو هو سا لاجواب هوندي هئي.

ڳالهه ڪندا آهن تـه پاڻ هڪ دفعي ڪنهن وڏي جاگيردار مير صاحب جي شـادي جي موقعي تي ويل هو. حاجي صاحب کي ماني ته تمام سني ڏنائون پر هئي ڪـن ميرن جي اوبر - حاجي صاحب کي چرچي جي عادت هوندي هئي. ويتر هـو شاديءَ جـو موقعو سو جڏهن ماني کائي هٿ ڌوئي فارغ ٿيو. ان بعد اچي مقعد کـي کنهڻ شـروع ڪيائـين. ڪچهري ۾ ويٺل ماڻهن صحيح ڪيو، تـه هي، ڪـو نئون چرچو ضرور ڪندو. سو پڇيائون ته حاجي صاحب ڇا ٿي ويو؟ چيائين ڇا ٿي ويو! مير صاحبن جي اوبر کائڻ ڪري

وڏيرو مراد علي بابا سائين کي چوندو هو ته ”محمد خان! ڪن ڏينهن کان پوءِ هي تنهنجو پٽ، پنهنجي همت ۽ بيباڪاڻه هلت چلت جي ڪري ملڪ ۾ نالو ڪڍندو“ بابا صاحب فرمائيندو هو ته وڏيرا صاحب الله سائين شال هي تنهنجا اکر اگهائي -

بابا سائين هڪ هاري آهي. مگر سندس محبت علم وارن سان تمام گهڻي هوندي هئي. بابا سائين کي ڏينهن ميرپور خاص تعلقي جي مبارڪ لغاري جي ڳوٺ ۾ به اچي رهيو هو جت ڪوئلن جي مزدوري ڪري ١٢ آني حساب سان ڪوئلن جي ڳوٺ مٿي تي کڻي ميرپور خاص ۾ وڪڻي پنهنجو گذران ڪندو هو. ان بعد وري ميرپورخاص ۾ ڪوڏي مل جي مشين تي ڪتر جو ڪم ڪندو هو جتان ١٥ ربيه مهينو ملندو هوس. جن مان گهر جو خرچ ۽ منهنجا ڪپڙا ۽ ڪتاب به وٺندو هو. اُن وقت جا ١٥ ربيه هن وقت جي سؤ کان وڌيڪ ۽ برڪت وارا هوندا هئا.

پارسي پوري ڪرڻ کان پوءِ ساڳي مدرسي ۾ عربي شروع ڪيم. مدرسي جي مخالفت ته سڀ وڏيرا ڪندا هئا. پر خاص ڪري ان وقت جي وڏيرن مان خاڪو مهر پنهنجو مٽ پاڻ هو. ڪوڙن ڪيسن ڪندي به ڪين گسندو هو. هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته مدرسي جي پير ۾ وڏيري جي ڦتين جو کرو رکيل هو. ڪنهن حاسد اچي ڪري کي باهه ڏني. ٽن چئن سوَن

کي اچي اڏوهيءَ ورتو جنهنکري چونرو اچي ڍمڻ لڳو مون وٽ پئسي جي تمام تنگي هئي. لاچار هڪ گڏهه هٽ ڪيم جنهن تي مٽي ڊوڻي ڏ ٢ فوٽ ڊگهو ١٤ فوٽ ويڪرو هڪ ٺاهوڪو صفحو پنهنجي هٿن سان پاڻ تيار ڪيم - پوءِ هتان هتان ڇت جو سامان داسا، ڪامون پٽيون پٽ سٽ ڪري ڇت ٻه اڏيم. منهنجو ڏاڏو - لهارڪو ۽ واڍڪو ڪم ڪندو هو. ان جا اهي اوزار ٻه گهر ۾ بيل هئم، هٿ سان گڏ واڍڪو ۽ لهارڪو ڪم ٻه شروع ڪيم - انهيءَ کان علاوه سگري ۽ استري وٺي ڌوٻي جو ٻه ڌندو چالو ڪيم. پيڙيون ٻڌڻ ٻه سکيس - مطلب ته جيڪو ٻه ڪم ملندو هوم سو ڪندو هوس سمورو وقت ڪل، خوشي، مشغولي ۽ ونڊر ۾ گذري ويندو هو.

منهنجو خاڪسار ٿيڻ: انهن ڏينهن ۾ اسانجي ڳوٺ ۾ هڪ دوست اسڪول ماستر هو اهو ٻاهران آيو هو سو خاڪسار تحريڪ جو پيغام کڻي آيو - ۽ شهر جي نوعمر جوانن کي پريڊ ڪرڻ سيکارڻ لڳو - خاڪي ڪپڙا پهرائي خاڪساري جو ”اخوت“ جو نشان سيني کي چهٽايائين. منهنجي ڳوٺ جي خاڪسارن جو مرڪز منهنجو دڪان ٿيو - آئون ٻه دوستن جي ديکا ديکي جي ڪري خاڪسار ٿيس. جوش خروش سان ڪم ڪي لڳي ويس. ۽ ٻين ڏورانهن خاڪسار دوستن سان خط و ڪتابت ڪرڻ لڳس. خاڪسار تحريڪ جو هڪ ماهوار

رسالو جو مرحوم مير نصير محمد خان نظاماڻي ”خاڪسار سپاهي“ جي نالي سان ڪڍيو هو اهو به گهرائي پڙهيم انهيءَ کان پوءِ لاهور جي ”الاصلاح“ اخبار به گهرايم خاڪسار تحريڪ جو لٽريچر تذڪره، قول فعل، اشارات- مولوي جو غلط مذهب ۽ ٻيا به ڪتاب پڙهيم- جن منهنجي دل تي گهرو اثر ڪيو- ڳوٺ جا جاهل مـلان ۽ پير سيدن جا مريد منهنجي سخت مخالفت ڪرڻ لڳا تـه آن کان وڌيڪ تحريڪ جو ڪم ڪرڻ لڳس. يوپي ۾ خاڪسارن جو ٽڪر ٿيو تـه اتي محاذ قائم ڪيو ويو. لکنو ۾ شيعه سني فساد ڪندا هئا تن کي ٽاهڻ لاءِ خاڪسارن ڪوشش ڪئي ۽ آئي ويا ته انهن کي جيل ۾ بند ڪيو ويو. بلند شهر ۾ خاڪسارن تي گولي به هلائي وئي. انهي وقت تحريڪ جا مجاهد لکنو ويا تي آئون بـه سنبت ۾ هوس تـه خبر آئـي ته محاذ ختم ڪيو ويو.

١٩٤٠ع ۾ لاهور ۾ سڪندر حيات خان خاڪسار تحريڪ تي بندش وڌي. خاڪسار انهيءَ جي پيچڪڙي ڪري ٣١٣ خاڪسارن جـو هـڪ جٿو روانـو ڪيو جنهن تـي گولـي هلائي وئي. ڪيترا خاڪسار شهيد ٿيا- آن بعد سنڌ مان بـه جٿن روانا ڪرڻ جو آرڊر ٿيو. اسان جي ڊگهڙي جا سالار اسلم چوڌري ۽ شيرمحمد لغاري مونکي حڪم نامو ڏيڻ آيا. آئون آنوقت هڪ باغ ۾ مزدوري ڪندو هوس جو مون مقاطع تي ورتو

واري گاڏي ۾ چڙهيس ۽ هڪدم سوٽ ڪوٽ هٽي
وارو پاتائي. ڊريس بدلائي پاڻ کي اهڙو اجنبي بڻايم جو
گاڏيءَ ۾ ويٺل منهنجن مائٽن مان به ڪنهن مونکي
ڪونه سڃاتو. حيدرآباد اسٽيشن تي هو سلوار وارن ڏي
نهاريندا رهيا. آئون هنن جي اکين اڳيان گيٽ تان
مٿي هليو آيس. ٻاهر نڪرڻ بعد اسين الهداد چنڊ جي
گهوٽ آياسين. جت اسان جو مرڪز هو. اتي پهتاسون
هڪ ٻه رات رهي ٻين خاڪسارن دوستن جو انتظار
ڪيوسين. اڃئن چڱي چوکي تياريءَ سان جهاد ۾
شريڪ ٿجي. آخر ٽن ڏينهن کان پوءِ گهٽو ڪري
سڀ خاڪسار اچي ويا. مگر مير فتح خان ٽنڊي
جان محمد وارو ۽ ڪي ٻيا ڪوڙا بهانا ڪري پڇي
واپس روانا ٿيا. باقي اسين پندرهن ڄڻا روانا ٿياسون.
اسان کي روهڙيءَ ۾ اچڻ لاءِ حڪم هو اتي پهتاسين.
درياه جي ڪناري وار مبارڪ واري مسجد ۾ ترسيا سون
ٻن ڏينهن بعد ٣١ ڪن خاڪسار اچي گڏ ٿيا. جن ۾
مولوي خير محمد نظاماڻي. حافظ رڪن الدين (جو پوءِ
شهيد ٿيو) حڪيم حاجي علي اڪبر نوراني، ڊاڪٽر
شير محمد نظاماڻي، محمد عيسيٰ نظاماڻي، شريف درزي
مکيه ڪارڪن هئا.

٣٠ مئي ١٩٤٠ تي روهڙي اسٽيشن تان گاڏي ۾
سوار ٿي منڊي ديري جي اسٽيشن تي اچي لٿاسين.
ڪن مجاهدن وٽ ته ملتان جون مديون تڪيتون به

هيون. اسان پنهنجا بيلچا بسترن ۾ لڪائي ڇڏيا ان هوندي بہ سي - آءِ - ڊي وارن کي ڪا خبر پئجي ويئي هئي. تن اطلاع اڳيئي ڪري ڇڏيا هئا. اسٽيشن خانپور تي پوليس اچي چرڦر ڪئي، جنهن جي ڪري اسان جي سالار اسان کي وردين پهرڻ جو حڪم ڏنو. اسان حڪم جي موجب هڪدم ورديون پائي لال - اخوت جا نشان ڇڏين تي هڻي پنهنجا بيلچا تيار ڪري نئڊڙيون حمال شريفون پنهنجي بغل ۾ وجهي تيار ٿياسون. بگر بگل فوجي وڳو ۽ جهنڊو آپو ڪري سڀ لهي پياسون. اسٽيشن تي هزارها ماڻهو اچي مڙيا مولوي صاحب تقرير ڪئي جا نهايت جوشيلي هئي. پوليس سمجهيو تہ هنن کي هتي اسين گرفتار ڪري نہ سگهنداسين. تنهنڪري گاڏي کي هلڻ جي اجازت ڏنائون جڏهن لوڌران اسٽيشن تان گاڏي چڙهي تہ هڪ ٽڪيٽ ڪليڪٽر اسان جي سالار کي چٺي اچي ڏني. تہ وچ ۾ گاڏيءَ تان لهي وڃجو. نہ تہ اڳيان شاهنال ريلوي اسٽيشن تي پوليس گهڻي جمع ٿيل آهي- جيڪا توهان کي گرفتار ڪندي.

سالار اسان کي حڪم ڪيو تہ تيار ٿيو پنهنجو سامان هٿن ۾ ڪثو جو گاڏيءَ تان لهڻو آهي. اسان جلدي تيار ٿي وياسين. سالار - گاڏي جي زنجير ڇڪي گاڏي بيهاري. گاڏي بيهندي اسين هڪدم لهي پياسون. ۽ سالار جي حڪم موجب لائين ۾ بيهي وياسين.

مسلمانن ۽ اسان جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو. هن وڏي آواز سان چيو تہ اوهان ڪوبہ فڪر نہ ڪريو. اسين سڀ انتظام ڪنداسين.

اسان کي لارين تي چاڙهي سڌو ڊسٽرڪٽ جيل ملتان تي ڪٺي آيا. اسان پنهنجي سالار جي حڪم موجب وضو ڪري بانگ ڏيئي نماز لاءِ جماعت تيار ڪئي ان خبر تي جيل جو وڏو جيلر آيو، جو هڪ هندو هو. ان اچي چيو تہ ميان "يہ جيل هي- يهان آپڪو الگ الگ نماز ادا ڪرني هوگي. همارا سارا نظام تم درهم برهم نہ ڪرو، تم جيل ڪي قانون مطابق جماعت ڪي سات نماز ادا ڪر نهين سڪتي". تنهن تي مولوي صاحب چيو تہ "هم نماز پڙهني ڪي لئي تو جيل مين آئي هين هم باجماعت نماز تو پڙهينگي ليڪن صبوح و شام پريڊ بهي ڪرينگي. آپ ڪسي طرح بهي همين روڪ نهين سڪتي". انهيءَ ڪشمڪش جي ڪري جيل ۾ شروعاتي گڙ ٻڙ پيدا ٿي. شام جو سڀني کي الڳ الڳ ڪري انڌارين ڪوٺين ۾ بند ڪيائون. هڪ گرمي، ٻي اونده انڌوڪار. ٽي طرف وري بدبوءِ. ڏهن فوٽن جي همچورس ڪوٺڙي. کٽا، ٿنڊڙ، ڪاڪوس خانو، سڀ آتي. کٽا، پيشاب واري ٻاٽ مان پڇ ٻوڙي، اسان جي ڇاتي تي اچي چڙڪار ڪندا هئا.

ڪلاڪ ڪلاڪ کان پوءِ پهري تي پوليس وارو دروازي تي زور سان ڏنڊو هڻي چوندو هو تہ

"بول جوان، بول جوان" جيستائين ڪيس جواب نہ ڏيو هو تيستائين تڪ، تڪ ڪندو رهندو هو. اِهي شروعاتي راتيون تمام تڪليف ده، ۽ ڏکيون گذرنديون هيون. ليڪن انساندات پهاڙ ڪان بہ سخت آهي جي ڪيڏيون ۽ ڪيتريون مصيبتون ۽ تڪليفون درپيش اچن تيون تن کي برداشت ڪري سگهي ٿو. اهڙي ريت ٻہ هفتا گذريا تہ اسان کي هڪ مئجسٽريٽ اڳيان پيش ڪيو ويو. آهو ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ بہ شايد ڪو ڪٽر هندو هو. جو پهرين شنوائي تي فقط هي سوال پڇيائين تہ اوهان خاڪسار آهيو. سڀني هڪ آواز ۾ جواب ڏنو تہ هائو اسين خاڪسار آهيون. ٻي شنوائي تي سڀني کي سڏي ڪورٽ ۾ ٻڌايو ويو تہ اوهان خلاف ِقانون جماعت جا فرد آهيو تنهن ڪري توهان کي ڇهہ، ڇهہ مهينا جيل جي سزا ڏجي ٿي.

سزا ملڻ بعد اسان سڀني کي قيدين جا ڪپڙا ڏنا ويا. سي ڪلاس قيدي هجڻ ڪري اسان تي جيل جو پورهيو بہ مقرر ڪيو ويو. مٽي جو وانُ اٽڪل ٽي سير ڪڻ ناهٺو پوندو هو.

پيو جيڪو اسان تي پوليس جو وڏو ڪيس هو سو جيل جي اندر هلندو هو. اسان جي طرفان مهر محمد صادق وڪالت ڪئي ۽ ملتان جو وڪيل ملڪ ڪرم ايزد نالي سان آن بہ اسان جي وڪالت ۾ چڱو ڀرپور ورتو. مرحوم نصيرمحمد نظامائي وڪيل بہ

شنوائي تي ايندو هو. ٻه دفعا مير علي احمد صاحب ٻه جيل ۾ اچي اسان سان ملاقات ڪئي هئي. ايترين تڪليفن ۽ دردن هوندي ٻه خاڪسارن ۾ جيڪا محبت ۽ ميتاج هو ان جي ڪهڙي تعريف ڪريان. هو هڪ ٻئي ڪي حقيقي ڀاءُ کان ٻه وڌيڪ پيار ڪندا هئا. خاڪسارن جي محبت ۽ همدردي جهڙو پيار مون اڄ ڏينهن ڪنهن ٻه سياسي ورڪر ۾ ڪونه ڏٺو آهي.

جيل جي نظام کان علاوه اسان جو پنهنجو ٻه جيل ۾ انتظام هوندو هو. اسان جا ڪئمپ سالار اول، جيل سالار بارڪ، سالار محتسب، سالار مشقت، وغيره جا سالار مقرر هئا.

جيل وارن کان سمورن جو ڪم هڪڙو سالار وٺي ايندو هو. پوءِ سڀني کي قطار ۾ بيهاري، جيڪي ناچاڪ بيمار هوندا هئا، انهن کي ڪم کان ڇٽي ڏني ويندي هئي باقي جيڪي تندرست هوندا هئا تن کي اهو ڪم ڏنو ويندو هو. سڀ گڏجي تمام محبت ۽ پيار سان ڪم ڪندا هئا. ائون پيڙهن جو موالي هوس ليڪن خانيوال کان جيئن قيد ٿيس تيئن جيل ۾ پيڙي نه ملڻ ڪري پيڙين کان صفا آهو ڪئي ڇڏيم ۽ اڄ ناٿين پيڙي کان بچيل آهيان. اسان جي پريڊ، روزاني باجماعت نماز، محبت ۽ خلوص جي ڪري جيل جو عملو اسان تي خار کائيندو هو. آخرڪار جيل جي قانون مطابق هنن اسان جي سالارن تي پيشي ڪئي. ڇهه، ڇهه

ڇيو. مگر هتي بارڪن ۽ پيڙين ڪولهن ڪان صفا نابري واري. خاڪسار بارڪن ۾ بند رهيا. پيشاب ۽ پاخاني جي بدبوء خوب ڦهلجي لڳي، لاچار تنگ ٿي سالارن جي حڪم تي اهي لڳل پيڙيون ٽوڙڻ شروع ڪيوسين. سڀ ڳنڍجي هڪ جي پيڙي ڪي لڳا آن جي پچڻ ڪان پوء ڪم آسان ٿي ويو ۽ پيڙيون پڄي سڀ تيار ٿيا. ٽيڙيون واڻ جون ڪولي لوهي ڏنڊن ڪي وبڙمي وڙهڻ جا هٿيار ٺاهيا ويا.

آخرڪار مجبوراً بئي ڏينهن سيني ڪي بارڪن مان ڪوليو ويو. انهيء ڏينهن به جيل ۾ بند ٿيڻ ڪان انڪار ڪيائون. ۽ چيائون ته يا سالار انڊيرين ڪوئين مان ڪڍي واپس آندا وڃن. يا اسان ڪي بئي جيل ڏي بدلي ڪيو وڃي. جيل جي قانون موجب شام جو قيدين ڪي بارڪن ۾ بند ڪرڻو آهي. ليڪن ته بند ٿيڻ ڪان انڪاري هئاسون. ان ڪري تمام وڏو گوڙ مچي ويو. باهران پوليس جو وڏو انبو اچي ويو انڪل ۹ بجي ڌاري مئجسٽريٽ پوليس سميت اندر آيو ۽ چيئين ته اوهان بارڪن ۾ هليا وڃو نه ته. اوهان جا لاشا به بارڪن ۾ بند ڪيا ويندا. ان تي وقتي سالار بارڪن ۾ بند ٿيڻ جو حڪم ڏنو. مگر هڪ ڪراچيء جي مڪراني خاڪسار جوش وچان سينٽرل جيل جي جيلر ڪي ڏنڊو وهائي ڪڍيو. ان تي مئجسٽريٽ اسان تي لاٺي چارج ڪرڻ جو حڪم ڏنو. پوء ته پوليس

۾ پشيمان نہ ٿياسين. گرميءَ جي ڪري سڄي بدن تي ڦرڙيون نڪري پيون هيون. جي رات جو گهڻو سور ڪنديون هيون مگر ڪابہ پرواھ ڪانہ هئي. ڪجهہ ڏينهن گذرڻ بعد اسان کي اندارين ڪوٺين مان ڪڍي وري باريڪن ۾ رهايو ويو.

## ڪبوترن جو شڪار:-

جيل ۾ ڪبوتر تمام گهڻا هوندا هئا. نئنديڻ کان منهنجو باغن جي ڪم سان وهنوار گهڻو هو. جنهنڪري گلول جو تمام چوڻو هوس. ڪبوتر جام ڏسي منهنجي دل اڇي هرڪي. ڇا ڪيم جو بوٽ جي ٽري جو ربڙ ڪڍي، ان کي چلي سنهون ڪري هڪ ڪاني هٿ ڪيم جنهن ۾ ربڙ وجهي گليل ٺاهيم. باريڪ جي پر ۾ ڪنپارخانو هو ان مان مٽي ڪٽي گوليون ٺاهي ڪبوترن جو شڪار ڪندو هوس. آئون هڪ ئي روزانو ٢٠ - ٢٥ ڪبوتر شڪار ڪري سيني خاڪسارن کي گڏ ڪارائيندو هوس. بصر ۽ تيل جام هوندو هو ۽ تريل ڪبوتر ڏاڍا لذيذ ٿيندا هئا. پر ڪبوترن جي کائڻ ۽ گرمي جي ڪري منهنجي بدن ۾ گرمي ٿي پيئي. ۽ بخار بہ اچڻ لڳو. اهي هئا جيل جا ڏينهن جي خوشيءَ سان پئي گذارياسين.

## سياسي قيدين سان جيل ۾ ملاقات:-

هي پهريون ئي موقعو هو جو مونکي حيدرآباد کان دور پرديس ۾ گهارڻ جو موقعو مليو هو. آئون اڻ ڄاڻ

حافظ نعمت الله نابينا، احراري ليڊر به ان جيل ۾ هو. هو معذور ماڻهو جيل ۾ تمام لاچار هو جو هن کي اٿ ويهه ۾ ڪاڪوس وغيره جي سخت تڪليف هئي. هن کي اسان پاڻ وٽ رهايو. هو به اسان وانگر سي ڪلاس ۾ هو. ٻين ڪن ڪانگريسين ۽ سوشلسٽن کي بي ڪلاس مليل هئا. مگر ماڻهن ۾ هن ويچاري معذور لاءِ ڪابه دلچسپي ڏسڻ ۾ ڪانه آيو. جو ڪٿي هن کي ڪاڪوس ۾ نين، يا بسترو وڇائڻ ڏين. هن حافظ کي اڍائي سال سزا مليل هئي جو هن فوج جي ڀرتي ۾ خلاف هڪ جلسي ۾ غزل پڙهيو هو. هي آها فوج جي ڀرتي هئي. جن ڪعبه خدا تي گوليون هلايون هيون. انهي غزل جا ڪي بند مون کي اجا تائين ياد آهن جي هي آهن. پنجاب جا ماڻهو فوج ۾ تمام گهڻا ڀرتي ٿي ٿيا جن کي خاص طور ترڪن ۽ عربن جي خلاف استعمال ڪرڻو هون. ان ڪري حافظ پنهنجي شعر ۾ ماڻهن کي اپيل ٿو ڪري ته اهڙي فوج ۾ ڀرتي نه ٿيو-

### شعر

مؤمنو اب تو غيرت مين آنا
فوج مين بهرتي هوکر نه جانا
اب نه ترکون پر گولي چلانا
اب نه عربون کو جا کر ستانا
اب نه کعبي کي پردي جلانا
فوج مين بهرتي هوکر نه جانا

اب نہ مینڈل مربے ملینگے
اب نہ اپني بچوں سي آبے ملینگے
هورها هے فرنگي رواں
فوج میں بهرتي هوکر نہ جانا
چاهي دل پر هکو چڑه دو
چاهے توبوں کے آگے اڑادو
هم تو گائینگے یهي ترانا
فوج ۾ بهرتي هوکر نہ جانا

پيو هک پارسي ۽ پنجابي ۾ خواب هو جو ڳايو هئائون.

راتین سي پیا مینون خواب آگیا
گئے فرنگي ایتهون انقلاب آگیا.

انهن شعرن ۾ انگريزن جي هتان وڃڻ جي پيشنگوئي ۽ غيرت آميز جملا هئا. تہ جيئن ڪوبہ مسلمان فوج ۾ ڀرتي نہ ٿئي.

## هڪ انقلابي ڪميونسٽ سان ملاقات:-

انهيءَ جيل ۾ هڪ ڪامريڊ هيرا لعل نالي جوان بي اي پاس ڪيل بہ هو. جنهنکي ١٤ سال جيل جي سزا مليل هئي. هو وڏو بهادر ڪميونسٽ هو. هن انگريزن جون ڪيئي موٽرون جلائي ڇڏيون هيون. جنهڪري هن کي چوڏهن سال سزا ڏني ويئي هئي. جيل ۾ بہ هن وٽ لٽريچر تمام گهڻو هو. هن وٽ مارڪسزم بابت ڪافي لٽريچر هوندو هو ڪتابن جا ڍڪي

ٿيو ته منهنجي وڃڻ ڪانپوءِ منهنجي ماءُ کي ناتڳ ڏنگ هنيو ۽ هوءَ ويچاري ان زهر جي وسيلي منهنجي جدائيءَ جو داغ دل ۾ کڻي دارالبقا ڏي راهي ٿي وئي- پڇاڙيءَ وقت هڪ ٻئي جو منهن به نصيب نه ٿيو.

ان دڪدائڪ اوچتي حادثي جي ڪري ڏاڍو ڏک ۽ افسوس ٿيو. پيءُ به مائٽ آهي ليڪن حقيقت جي ڪري اولاد لاءِ ماءُ جهڙو ڪو به همدرد ۽ محبت‌دار مائٽ ڪونه آهي.

گهڻو وقت مغموم رهيس- ان بعد ڏاڏي وفات ڪئي وري ويجهڙائي ۾ چاچو به وفات ڪري ويو. چاچي کان پوءِ سکهو ويچاري پيءُ جا ۱۲۰۰ سالن جي هٿي سا راهه رب ڏي راهي ٿي.

غمن جا پهاڙ مون هڪ الهڙ ۽ اڻ آزمودگار جي سر تي ڪڙڪي پيا. ٻيو وري پائيچاري جي پڻ پوتين، تيجهي، چاليهي - بارهي، تن ته هيڪاري مون مسڪين کي حيران ڪري ڇڏيو.

وڏو قرضي ٿي پيس جنهن منهنجي دلي جذبن ۽ امنگن کي اکرن وانگر جڻ ڦرهيءَ تان ميساري ڇڏيو.

۱۹۰۶ع ۾ جهڏي طرف هڪ محسن دوست ميان امام علي خان وٽ روزگار جي تلاش ۾ ويس- هو صاحب به مون وانگر، آئيون چاڙهيون ڏُت ڏهاڙي سومرا- جي مصداق مسڪين آهي- مگر سندس دل درياه آهي. هن صاحب مونکي پاڻ وٽ رهڻ لاءِ چيو. هو به خاڪسار آهي ڪجهه وقت سندس ڳوٺ ۾ رهي سندس

مجاهد رئيس غلام مصطفيٰ پرڳڙي هنوقت مسوري پهاڙ تي ويل آهي. تون به اُتي وڃ اها خوشخبري ٻڌي بسترو گول ڪري ڪجهه دوائون ساڻ کڻي ٽڪيٽ وٺي گاڏي تي چڙهي مسوري روانو ٿيس. بيماري جي ڪري منهنجي حالت ابتر هئي پر همت نه هاريم سڏو ديرهه دون ويس. اتان گاڏي تان لهي لاري تي چڙهي مسوري پهتس. مسوري هندستان جي يوپي صوبي جو پهاڙ آهي. هنکي عروس البحال به ڪري چوندا آهن. هي جبلن جي ڪنوار آهي.

گهڻي جدوجهد ۽ پڇا ڳاڇا بعد نيٺ رئيس غلام مصطفي خان پرڳڙي جي جاء تي پهتس. هو صاحب مونکي خوش خلقي سان مليو ۽ رهڻ لاء جاء ڏنائين بسترو مونوٽ موجود هو.

مسوري جي آب هوا جلد مونتي اهڙو اثر ڪيو جو جلد بخار ڇڏي ويم ۽ ڪنگهه گهٽجڻ لڳي ۽ بک به گهڻي وڌي ويئي.

رئيس غلام مصطفيٰ تمام گهڻو پائيندو هوم ليڪن نوڪرن جي بي پرواهي ڪري بک مرڻ لڳس. نيٺ رئيس صاحب کان موڪل وٺي سنلس مدد سان راڊل هوٽل جي ڪمري ۾ رهڻ لڳس. ماني پنهنجي پاڻ ٺاهي کائڻ لڳس منهنجي طبعيت سڌرڻ لڳي دوستن کي امداد لاء خط لکيم. ڪيترا خاڪسار دوست به مليا. ان دور ۾ مولانا آزاد جو هڪ ڪتاب 'مسلمان اور ڪانگريس' مون خريد ڪري پڙهيو. جنهن ڪري

آئون مولانا جي طرز تحرير جو شيدائي ٿي پيس. پوءِ مون سندس تصنيفات جا گهڻا ڪتاب پڙهيا. هن کان اڳ مون کي علامہ مشرقي جي ڪتابن کان سواءِ ٻيو ڪو بہ لٽريچر پسند ڪونہ ايندو هو. ٿوري وقت ۾ ڪانگريس جو هڪ وڏو اجلاس آتي ٿيو سو ڏٺم ۽ وڏن ليڊرن جو تقريرون ٻڌم. اتي مونکي بہ شوق ٿيو تہ آئون بہ تقرير ڪرڻ سکان. پوءِ تہ تقرير جي مشق ڪرڻ شروع ڪري ڏنم صبح سويل ناشتو تيار ڪري ڪاٺي ويندو هوس جهنگ ۾. آتي وڻن سامهون بيهي ڳالهائيندو هوس. اتي منهنجي طبعيت گهڻو سڌري ويئي جيترو بہ وقت مسوري ۾ رهيس رئيس غلام مصطفيٰ منهنجي مدد ڪندو رهيو. قدري دوست ۽ گهر وارا بہ امداد موڪليندا هئا.

ساڍا ٽي مهينا مسوري ۾ رهيس. منهنجي طاقت ۽ توانائيءَ ۾ بي حد اضافو ٿي ويو. ان بعد وري واپس سنڌ ۾ آيس.

## هاري حقدار جي ڪاروبار جي شروعات:-

ڪجهہ ڏينهن گذرڻ بعد هارين جي حفاظت جو ڪم شروع ڪيم. هڪ ڪاڙهي جهنڊي هٿ ۾ ڪٺي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ پيدل گهمڻ شروع ڪيم ۽ آهستي آهستي ڳوٺائن اڳيان تقريرون بہ ڪيم. ظالم زميندارن ۽ ڪامورا شاهي جي ٻيڙي خلاف آواز آٿاريم. انهي وقت جا ڪانگريسي ليڊر بہ واقف ٿي وياه

هڪ اخبار 'مداء غريب' جي نالي سان ڪڍڻ لاءِ

درخواست ڪيم ۽ اجازت نه ملي. مگر ضلع جي هڪ پراڻي اخبار نويس منهنجو اهو خيال لاهي ڇڏيو. ان ڏينهن ڪانگريس طرفان ڊگهڙيءَ ۾ وڏو ميڙ ٿيو آن ۾ مهاشيه هوت چند آسناڻي 'جئه ڀارت' جي ايڊيٽر سان ملاقات ٿي. آهستي آهستي ڪم ڪي وڌائيندي اڳتي هلائيندو رهيس.

مراد علي مهر جنهنجي مدرسه ۾ مون تعليم ورتي هئي. سو هڪ ڏينهن مونکي مليو. منهنجي ڪم ڪان ڏاڍو خوش ٿيو ۽ دعائون ڪرڻ لڳو ته خدا توکي صالح ڪري. رشوت خورن ۽ ظالم زميندارن ڪان ڪڏهين به نه ڊڄ ۽ همت سان اڳتي وڌندو رهه. آخرڪار هتين خالي هجڻ سبب ڪاربان پنا وٺي پنهنجي هتين اشتهار لکي ڀهراڙي جي ڳوٺن ۾ مکيه جاين تي وڃي هڻندو هوس. جهنڊي سميت ڪم ڪندو ۽ هلندو رهيس. پيدل هلندي وٽن ڪي ماڻهو سمجهي جهر جهنگ ۾ تقريرون ڪندو هوس. جيئن مونکي ڳالهائڻ جو تجربو ٿئي.

١٩٤٥ع جي پڇاڙي ۾ آئون لوڪلبورڊ جي اليڪشن ۾ اميدوار بيٺس. ڊگهڙيءَ تڪ سان مون وٽ ڊپازٽ جو پئسو ڪونه هو. سو گهر واريءَ جي نٿ هڪ سو رپين ۾ وڪڻي ڊپازٽ رکيم. ان وقت ان ڪم ۾ خالصن بلگير سنگهه ۽ حسن سنگهه زميندارن ڏاڍي مدد ڪئي. ۽ نامينشن پيپر به انهن ڀري ڏنو. پيپر ڪا غلطي هئي رد ٿيڻ جو وڏو انديشو هو. ليڪن

آياسون، صبوح سوير جاه واردات تي پهتاسون رفيق جتوئي به آيو. پوليس جو جمعدار نورمحمد قريشي سر زمين جو مشير نامو وغيره ڦاهيو. ڪيس ڪورٽ ۾ هليو. قاديانين به ڪائونٽر ڪيس ڪيو جنهن ۾ ڪي هاري جيل ۾ وڌا ويا. آخر سيشن جج شنڪر سنگهه ڪورٽ ميرپور خاص هارين کي آزاد ڪيو. ۽ قادياني زميندارن کي سزا ڪيائين انهيءَ ڪيس جي پيروي ۾ آئون گهڻو آيس ويس. هارين جي طرفان وڪيل مسٽر بنارام وڪالت ڪئي، سرڪار طرفان جناب مرزا سڪندر بيگ وڪيل هو.

١٩٤٧ع واري اليڪشن تي، ان کان پوءِ آئون باقاعده نبي سر روڊ تي رهڻ لڳس. پاڪستان آگسٽ ١٩٤٧ع ۾ قائم ٿيو هندو ڀڄڻ لڳا. نبي سر روڊ تي گهر گهاٽ ڦاهي ٻار ٻچا به ات وٺي آيس. اهي ٢٤ ايڪڙ مليل مٿا ڪري مون نبي سر روڊ تي ورتا. آبادي ڪرايم، ريزڪي دڪان به کولايم. هندن جي وڃڻ ڪري شهر خالي ٿي ويو ماڻهن جايون ڊاهي ڪاٺيون پٽڻ شروع ڪيون سو انهن جاين کي به بچايم. هڪ مانڊلي پيڙهين جي به ڪيم. غريب هارين جي محبت جو جذبو جو منهنجي دل ۾ هو ان ڪري ويچارا هاري به مون تان ساهه پساهه قربان ڪرڻ لڳا.

وري مهاجرن جي اچ اچان ۾ به مانٺ ڪري ڪونه ويٺس. غريبن کي آباد ڪرڻ ۽ هنن کي گهرجون جايون

هن صاحب بروقت ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ کي موڪلي ڏني.

رفيق جتوئي حيدرآباد روانو ٿيو ۽ آئون ڪوٽ هليو آيس، واٽ ۾ گاڏيء تي پٿوري اسٽيشن تي صوبيدار جو فرسٽ ڪلاس گاڏي ۾ ويٺل هو تنهن هڪ پوليس واري کي مونکي سڏڻ لاء موڪليو. مون وٽ هڪ ڪتاب هو زميندار شاهي عرف ڪمدار جا ڪارناما. مون کي ڏٺائي چوڻ لڳو ته تون بغاوتي ماڻهو آهين، توکي مان جيل ۾ رکندس. تون ريلوي جي حد ۾ ڪتاب وڪڻي رهيو آهين. مون چيس ته آئون وڪڻان ڪونه ٿو، پر جي ڪٽي وڪڻان ته ان ۾ تنهنجو ڇا؟ ۽ توکي اهڙين ڳالهين ڪرڻ ۽ پڇڻ جو ڪهڙو حق آهي. ريلوي پوليس جو عملو پيو آهي اهو سڀ ڪجهه ڪري سگهي ٿو. انهن چئي مون کي چيائين ته هل اسٽيشن ماسٽر وٽ ته هو توکي ڪيئن ٿو پڪڙي جيل حوالي ڪري. ليڪي آيا سون اسٽيشن ماسٽر وٽ. صوبيدار هن کي چيو ته هي اعتراض جوڳا ڪتاب ريلوي حد ۾ ٿو وڪڻي هن کي گرفتار ڪريو. مون بابوء کي چيو ته هن جي مون سان پراڻي دشمني آهي ان جي ڪري منهنجي ڦاسائڻ لاء اوهان کي ٿو چوي. باقي منهنجو ڪوبه قصور ڪونه آهي.

اسٽيشن ماسٽر ته مون کي ڇڏي ڏنو، وري مونکي چوڻ لڳو ته آئون توکي گرفتار ڪندس، ٽن ڏينهن اندر. تون خبردار رھ. مون به ڪيس سٽ سُريون ٻڌايون.

ڳاڏي هلڻ ڪان اڳ مون شاهدن جا نالا نوٽ ڪيا ۽ ٽڪيٽ نمبر بہ نوٽ ڪيا. آئون ساماري روڊ تان لهي پيادو ساماري شهر پهتس اُتان وري سڌو حيدرآباد ويس. سچي حقيقت پنهنجن دوستن ۽ هاري ڪاميٽي جي صدر رفيق جتوئي کي ٻڌايم. هڪ درخواست جيڪا ڊپٽي ڪمشنر، ڪليڪٽر جي نالي هئي، سا کڻي ڳاڏيءَ تي چڙهي نبي سر روڊ پهتس. منهنجو خيال هو تہ ڳوٺان تي خبر چار وٺي پوءِ عمرڪوٽ ۾ ڪليڪٽر کي وڃي درخواست پيش ڪريان جو ان ڏينهن ڪليڪٽر جي منزل عمرڪوٽ هئي.

ڳوٺ اچڻ تي خبر پيئي تہ اهو صوبيدار هڪ ڏينهن اڳ هت آيو هو. خانصاحب چوڌري غلام محمد جي منشي عبدالله پنجابي کي فريادي بنائي هڪ ڌاڙي جو ڪوڙو فرياد ناهي، مشيرناسان وغيره ڪوڙا لکي هليو ويو آهي.

اِها خبر ٻڌي آئون صبح واري لاريءَ ۾ عمرڪوٽ وڃڻ لاءِ تيار ٿيس ۽ لاري ۾ چڙهي ڪري پهتس تہ صوبيدار بہ ڪن شاهدن کي وٺي پيو هلي. عمرڪوٽ ۾ لاريءَ ۾ سوار ٿي ويهي رهيو. آئون اڳين سيٽ تي ويٺو هوس، لاري عمرڪوٽ پهتي مون ڪليڪٽر جي پڇا ڪئي، معلوم ٿيو تہ هو فرش شڪار تي ويل آهي. آئون شهر جي پڻ ڏن دوستن سان ملي مختيارڪار وٽ ويس جو اتي جي هارين جو ڪم هو.

آئون آفيس جي ٻاهران بينس تہ اندران سعيد علوي صوبيدار نڪتو۔ ۽ هڪدم مونکي چيائين تہ تون گرفتار آهين۔ هن اتيئي مشير نامون ڏاهيو ۽ اها درخواست ۽ ٻيا ڪاغذ منهنجي ڪيسي ۾ رهيا۔ عمرڪوٽ جي قلعي کان هيٺ لتس تہ مرحوم جان محمد پلي مونکي پاڻ وٽ اچڻ لاء سڏ ڪيو۔ مون ڪيس اشاري سان چيو تہ آئون گرفتار آهيان۔ اچي نتو سگهان تنهن تي هو مون وٽ آيو ۽ صوبيدار کي چيائين ضامن وٺ ۽ هن کي آزاد ڪر مگر صوبيدار جواب ڏنو تہ هي ڏاڙي جي ڪيس ۾ جهليل آهي ۽ آئون هن جو ضامن نہ وٺندس۔ مون رفيق جان محمد کي چيو تہ توهان هن کي ڪجهہ نہ چئو ۽ رفيق جتوئي کي تار رستي هينئر ئي اطلاع ڪريو۔ جو هن کي هن سڄي ڪيس جي معلوميت آهي۔ آئون هن سان گڏجي هليس هي هڪ جمعدار جي گهر ويو اتان ماني کائي لاريء ۾ واپس ڪنري پهتاسون۔ ڪنريء ۾ هن مونکي هٿڪڙيون لڳائي سڄي شهر جو سرگس گهمايو۔ گهڻي دير بعد لاڪپ ۾ بند ڪيائين۔

شام جي وقت لاڪپ تي بيٺل پوليس کي چيائين تہ دروازو کوليو تہ آئون هن تي پنهنجا هٿ ٺاريان۔ ان تي سپاهين چيو تہ ٻڌل قيدي کي مارڻو نہ آهي اسان کي لکيل آرڊر ڏيو تہ پوء قيدي توهان جي حوالي ڪريون۔ آخرڪار صوبيدار روانو ٿي ويو۔ صبوح

جو هن لاري ۾ مونکي عمرڪوٽ موڪليو ۽ منهنجو
ريمانڊ هفتي جـو ٿـرڊ ڪـلاس مئجسٽريٽ کان وٺـي
پوءِ عمرڪوٽ ۾ بند ڪيو ويو. رفيق حيدر بخش کي
سڄي قصي جي خبر هئي. هي صاحب ڪراچي ويو.
انهيءَ وقـت سنڌ جـو وزير اعظـم يوسف هارون هو.
انهيءَ کي ملـي سڄي حقيقت ڪري آزادي جي تار
ڪرائي. ۽ ڪيس جا ڪاغذ سرڪار پاڻ وٽ گهرايا.
هتو هٿ آرڊر وٺي پاڻ عمر ڪوٽ پهتو. تار رستي
آرڊر اڳ ۾ آت پهچي چڪو هو، آئون آزاد ٿيس. جتوئي
صاحب ۽ اسين سڀ دوست گڏجي نبي سر روڊ پهتاسون.
رات جو خوب خوشيون ڪيوسين. آخرڪار ڪيس جا
ڪاغذ جاچي اسـان کـي آزاد ڪيو ويـو ۽ صوبيدار
سسپينڊ ٿيو. فرياديءَ تـي ڪـوڙي فـرياد ڪرڻ جي
ڪاروائي ٿي - هـو ٻه ڪيترو وقت ڪيس ۾ ڦاسل
رهيو آئون هاري تحريڪ جي ڪم کي لڳو رهيس.
رفيق مير محمد نبي سر روڊ رهندو هو . آڏون خانہ بدوش،
ڳلي، ڳلي واهڻ ۽ ڳوٺن ۾ ڦرندو هوس.

## ميلي جي شروعات:-

انهن ڏينهن ۾ نبي سر روڊ جي حالت خراب هئي.
شهر ويران ٿي ويو هو. ماڻهن جي آمدرفت تمام گهٽجي
ويئي هئي.
شهر کي رونق وٺائڻ لاءِ هڪ ملاکڙي جو پروگرام
ٺاهيو ويو. جنهن لاءِ شهر جي هوٽل وارن ۽ دڪاندارن

ڪجي.
هڪ بنگالي رفيق سان اها ڳالهه ڪيم. هو ڏاڍو
تيو ۽ مونکي سندس جاءِ تي وٺي ويو. ٻي ڏينهن
لانچ تي سوار ٿي هن جي ڳوٺ روانا ٿياسون.
جي سرزمين پاڻي ۽ ٻيڙين جو ملڪ آهي. هتي
بادي سٺي ۽ جانور آهي. اٿون ماڻڪ گنج ڪي
طرح گهميس ۽ سڄي سب ڊويزن جو دورو ڪيم
۾ هڪ اسپتال گهمڻ ويس آتي ڇوڪرين جو
۽ اسڪول ڏٺم. اها اسپتال هڪ هندو خيراتي ٺهرائي
هيا تائين اسپتال سندس ڪيل وقف ملڪيت مان
هي آهي. اسپتال جي مئنيجر يا سنڀالدار سيٺ جي
ڏٺي. ان کي به مليا سون. هن اسپتال ۽ اسڪول
اسا چڱي طرح گهمائي ڏيکاريو ۽ هڪ ڪتاب به
ڏنائينهون ۾ سيني جون تصويرون ۽ اسپتال، اسڪول
جو ، هو. انهي کان پوءِ اٿون واپس ڍاڪا پهتس.
اتان ٿي جهاز رستي ڪراچي آيس. ڪراچي کانپوءِ
سڌو ٺ آيس.

ـي جو آجراءُ باقاعده چالو هو. ان کان پوءِ
نيشنل، امي پارٽي جو ڪنوينر ضلع ٿرپارڪر جو ٿيس
ٿرت ، جون چونڊون ٿيون اتي صدر چونڊيس. انهي
کانپوءِ ، پارٽي چونڊ ۾ پارلياماني بورڊ ورڪنگ ڪاميٽي
مغربي پڪستان جي نمائندگي لاءِ چونڊيو ويس. الاٽي
هارين جي جدوجهد لاءِ هڪ ڪئمپ قائم ڪئي ويئي

هئي- جنهن جو نالو شهيد مائي بختاور الائي هاري رکيو ويو- انهيءَ کانسواءِ هارين، مزدورن ۾ اُنهن لاءِ هنن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪيم ۽ ا منهنجي زندگي جو مقصد به اهو ئي رهيو آ ته مرڻ گهڙي تائين رهندو-

تازو مارشل لا ملڪ سان لاڳو ٿيو مونکي ١٥ ٨ ١٩ تي ميرپورخاص مان گرفتار ڪري ه ويو آهي- هن وقت جيل ۾ آهيان- هيءُ آهي ي مختصر زندگي جي آکاڻي ۽ زندگي جو خاتمو بنا ڪنهن وڏاءُ جي لکيو اٿم- فقط اهو ارادو ي ڪيم ته مونکي پنهنجي زندگيءَ جون ڳالهيون ن ۽ دوستن لاءِ به ڪجهه سوچڻ جو سبب ٿين ٿن- ان کانسواءِ منهنجو ٻيو ڪوبه مقصد ڪونه آ ميد اٿم ته هي منهنجو لکيل احوال ٻاهر پهچندو جيل کان آزاد ٿيڻ بعد ضرور ڪنهن ڪم جو ٿيند